سنتن
سنتن جا گيت
گيت

رچيندڙ

سوامي ڀهلاجرام ڪويراج

ڪاپيون هڪ هزار] قيمت سوا رپيو [دفعو پهريون

حق واسطا قائم

शान्ती संत बाबा आसुदाराम आश्रम
शिवसखी पुस्तकालय एवं वाचनालय
वी०आई०पी० रोड, लखनऊ

پستڪ ملڻ جا هنڌ:-

١- سوامي نارائڻ پرڪاش، بابا جي ڪا باغ،
آنند روڊ، ديولالي ڪئمپ

٢- ايل. ڪشنچند اينڊ سنس بڪسيلر، الهاس نگر ٢

سنتن
سنتن جا گيت
گيت

رچيندڙ

سوامي ڀلاجرام ڪويراج

ڪاپيون هڪ هزار] قيمت سوا رپيو [ڏنو ٻڙو ٻن

حق واسطا قائم

پستڪ ملڻ جا هنڌ:-

١ -سوامي نارائڻ پرڪاش، بابا جي ڪا باغ،
آنند روڊ، ديولالي ڪئمپ

٢ ايل- ڪشنچند اينڊ سنس بڪسيلر، الهاس نگر ٢

ڌنيــواد

هن پستڪ جي پرڪاشڪ، شري نارائڻ پرڪاش کي هارديڪ ڌنيواد ٿو ڏجي جنهن هيتري محنت ۽ خرچ ڪري "سنتن جا گيت" ڇپائي سنڌ جي مشهور سنتن، درويشن ۽ آدي استانن جــي مهنتن جي نه هجي يادگيري نئين سر قائم ڪئي آهي.

شري نارائڻداس سوامي پريمداس "اداسين"

امر ڌام، الهاس نگر ٢

هولي سنبت ٢٠٢٦

ڇپيندڙ:- هيرومل شيوڪرام سامتاڻي "مهيش" پرنٽري
١٠٠-اي، مين بزار، الهاس نگر ٤.
ڇپائيندڙ:- سوامي نارائڻ پرڪاش شش سوامي
ڀهلاجرام صاحب ڪوبراج، بابا جي ڪا باغ.
آنند روڊ، ديرلالي ڪئمپ.

بابا جي ڪا باغ، آنند روڊ،
ديولالي ڪئمپ (ناسڪ)

برهملين: ڪويراج سوامي پهلاجرام صاحب
(سن: ۱۸۹۳ - ۱۹٦۸ع)

هن پستڪ ۾ هيٺين سنتن جا ڀڄن درج ٿيل آهن
جيڪي شري، سوامي ڀلاجرام ڪوڙاج جن ٺاهيا هئا.

١- سنت مهما (١-٦) ٢- سوامي شامانند پارٽي (٧-٩)
٣- سوامي سهجانند پارٽي (٩-١٣) ٤- سوامي وٽڪنڊي
(١٤) ٥- سوامي هرنامداس (١٤) ٦- سوامي هرپرساد (١٥)
٧- سوامي آتم پرساد (١٥-١٦) ٨- سوامي آتم پرڪاش (١٦-١٧)
٩- سوامي سمير پوري (١٨) سوامي اَچل پرساد (١٨-٢٣)
١١- الکدام (٢٤ ٢٦) ١٢- سوامي ڀڳترام (٢٧) ١٣- گوبند ڏام
(٢٨) ١٤- ڀائي آتماسنگهه ۽ ڀائي ڀڳتسنگهه (٢٩) ١٥-
سچکنڊ دربار (٣٠) ١٦- ايسرڏام (٣٠-٣٧) ١٧- گوبند
ڀون (٣٨-٤٠) ١٨- موهن ڏام (٤٠-٤١) ١٩- سوامي
هرچورام (٤٢) ٢٠- سائين وسڻ شاهه (٤٣) ٢١- ڀڳت
ڪنوررام (٤٤-٤٥) ٢٢- ماستر چندر (٤٦) ٢٣- سوامي
موتيرام (٤٦-٤٧) ٢٤- ٺڪر ايسرداس (٤٨) ٢٥- ڀائي
خانورام ۽ مهنت سوامي گرمکداس (٤٩) ٢٦- سوامي
ٽيئون رام (٤٩-٨٨) ٢٧- سوامي شانتي پرڪاش (٨٩)
٢٨- سوامي گرمکداس (٩٠) ٢٩- برهمگياني رگهورام
(٩١-٩٢) ٣٠- سوامي گوالانند (٩٣) ٣١- نرمل، ماڌؤ،
اَمولڪ نڪيتن (٩٤) ٣٢- سوامي پريمداس (٩٤)
٣٣- سوامي اَچل پرساد (٩٥) ٣٤- ٺلهو دربار (٩٦)
٣٥- هنس ڏام (٩٦) ٣٦- سوامي سنت پرساد (٩٧)
٣٧- راڄ ڀسنت (٩٨) ٣٨- اوڌوت سوامي چيتن ديو (٩٩)
٣٩- ڀائو سيواداس (١٠٠) ٤٠- شرڌا جا ڦول (١٠٢-١١٠)
٤١- سوامي اَمرداس (١١٠-١١١) ١١- آرتي (١١٢)

شري ستگر ديواڻ نمه - شري نرسنگهاڻ نمه.

ڀ- اڪ-ر

سنتن جا گيت يعني گلدستو

ڪوِراج شري ۱۰۸ ستگر سوامي ٽهلارام جن سنڌ هند جا مشهور سنت هوا. ساريءَ سنڌ ديش جي درويشن، سنتن، مهنتن، گڻوانن آدن جي ڪمائي جو گلدستو ٺاهي رهيا هئا. جنهن ۾ انيڪ قسمن جا گل وجهي اهڙو سندر ڪرڻو هون، جنهنجي خوشبوءِ چوطرف پکڙجي وڃي ها. سوامي جن جو سيني درويشن سان پريم جو نانو هو ۽ سندن پرچار ڪرنا جي ذريعي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ تيل هو. پارت ۾ اچڻ بعد ساري هندستان ۾ سائيو پرچار راڳ ۽ ڪرنا جي نموني ڪندا رهيا. سنتن جا پيارا ته پهريائين هئا ۽ سندن کي هن وقت جيڪي سنت گادين تي براجمان آهن سي پريم وچان بابل (بابا) ڪري چوندا هئا. چاڪاڻ ته انهن سنتن جي ٽن پيڙهين کانوٽي سوامي جن سان پريم جو سنبند ۽ نانو هو. انهن جي گڻن، ڪمائي ۽ رهت جي پوري پوري ڄاڻ هئن. جڏهن ٻه ٽڪرن ۽ پنڊارن تي ويندا هئا ته اهڙي ڀاو ۽ پريم جي اپديش سان سکن شيوڪن جي اندر ڦوڪيندا هئا جئن انهن ۾ گرن ۽ گر دربار لاءِ ڀاءُ پيدا ٿئي ۽ گرمک بڻجن. درويشن جي ڪرپا سان انيڪ سک شيوڪ سکي ستابا

آهن، سي جدا پستڪ ۾ ڇپائي ڪري، شايع ڪبيون.
جيڪو ۽ سڪ شيوڪ يا پريمي مٿي لکيل ستگرن جي
رهيل واڻي ڇپائڻ جي ٻاري ۾ شيوا ڪندو ته سندس
نالي سان پستڪ ظاهر ڪيو ويندو. سوامي جنهجا جيڪي
ٻه ڪوتا جا پستڪ سنڌ ۾ ڇپيل هئا سي سمورا وري
ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، جنهجي لسٽ ۽ ملڻ جو هنڌ پٺيان
ڏنل آهي.

نارائڻ پرڪاش

ٻڌيا آهن ۽ وڏن جا وٽاڻا وسايا آهن. ڏوري سرجنهار جي هٿ ۾ آهي. اَچانڪ شري ستگر ديو جنجي سنسار ياترا اچي پوري ٿي. جيڪو گلدستو تيار ڪيو هئاهون سو ڇپائي پڌرو ڪجي ٿو. جيئن اهو سنتن، مهنتن، پريمين ۽ عام جي هٿ ۾ ايندو تئن پڙهندي اَليِنت خوش ٿيندا، جو سوامي جنجي تازي يادگيري هميشه لاءِ قائم رهندي. اُميد پڻ ايندي جو وقت به وقت سندن سمرتيءَ ۾ ڏينهن ڀيا ملهائيندا.

هن پستڪ جون هڪ هزار ڪاپيون پنهنجي خرچ تي ڇپايون آهن. ڪاپين جي پرشارت (نيڪال) ڪرڻ ۾ سنت، مهنت، ساڌو، پريمي، ڀڳت جن پورو پورو ساٿ ڏين. جيڪو لاڀ ٿيندو، سو رهيل واٽيءَ جي ڇپائيءَ ۾ ڪم آندو ويندو. جئن ته:

١- سنڌي ڀڄن (پريم واٽي) ڀاڱو (١٢)
٢- هندي پشپانجلي ڀاڱو (٢)
٣- پنجابي بيت ڀاڱو (٢)
٤- سنڌي سلوڪ ٤٠٠ سو کن
٥- ڪهاوتون ۽ چوٽيون
٦- جيون چرتر وڏو سوامي جنجو (پهلاج جيون مالها)

شرڌا جا شبد قول ڪيترن ڪوين سوامي جن جي گڻن وغيره تي ڪوتائون موڪليون آهن، انهن مان ڪي هن گلدستي (سنتن جي گيت) ۾ درج ڪيون ويئون آهن. باقي رهيل ڪوتائون يا اچا جن ڪي موڪليون

هن پستڪ ۾ پراچين سنتن جا چرتر ٻه نه آهن، جن ڏانهن منهنجي من ۾ وڏو آدر آهي. اصل ڳالهه نه هيءَ آهي جو سنت اننت آهن. انهنجو جاڻڻ، سڃاڻڻ، چرتر ڪٿا ڪرڻ ۽ ڇپائڻ جي شڪتي ئي مون ۾ ڪٿي آهي؟ هن ڪارڻ ۾ جن سنتن ۽ پريمين اسان جي سهايتا ڪئي آهي. انهن ڏانهن مان هردي سان ڪرتگيتا پرگهٽ ڪريان ٿو. هنن چرترن ۾ ڪجهه ڇپيل ۽ ڪجهه نوان چرتر پيل آهن جي هيٺين مهاتمائن جي سهڪار ۽ اُتساهه ڏيارڻ جوئي ڦل آهن. (١) سوامي شانتي پرڪاش اُلهاس نگر ٥ (٢) سوامي گڻپت پرساد سڪو ساڌ ٻيلو آگرو (٣) سوامي نارائڻداس امرڌام اُلهاس نگر ٢ (٤) سوامي گرمکداس اجمير (٥) سوامي وشمبر ديو اجمير (٦) ڀائي کانورام ۽ ٻين جو. هن ۾ جو ڪٿي ڪجهه سنوپٽو آهي، ان جو سارو آڌار ڀڳوت ڪرپا جو ۽ ڀڳوت ڪرپا جي پريرڻا سان ئي سهائتا ڪرڻ وارن سنتن ۽ پريمين جو آهي. مان ته دوشن جو ڀنڊار ئي آهيان. پنهنجيءَ ٿوري ٻڌيءَ ۽ شڪتي هيٺيءَ واسطي ستگرن سڀني سنتن ۽ پريمين کي ڪربنڌ پرارٿنا ڪريان ٿو. جن پوتر سنتن جي گيتن روپي اُمرت نديءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ جو موقعو ڏنو.

داس ڌرم پرڪاش

(نمر نويدن) नृसिंह उपनिषद्

ॐ नृसिंहाय नमः ॐ

ॐ उग्रं महा विष्णुं ज्वलन्तं सर्वते मुखम् ।
नृसिंहं भीषणं भद्रं मृत्यं नमाम्यहम् ॥

هي شلوڪ شري ستگر ديو جي اشٽ ديو جـي آراڌنا جو آهي.

سنتن جا چرت سدائين نوان- منگل مي- ساتوڪي اسفورتي (فرتي) ڏيڻ وارا آهن جي سدائين چتن- من- سيوَن ڪرڻ يوگيه آهن. انهيءَ ڪري ئي هي سنتن جا گيت ڇپايا ويا آهن. آدرش ورتاءُ اندرين ۽ من ني وجيه- پوتر شيوا ڀاءُ- تياڳ- تپسيا- وشين کان ويراڳ- ڀڳوت ڀڳتي- پريم آديءَ جو سچو سروپ سنتن جي چرنن ۾ پرتڪيه (ظاهر) پراپت ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري هن پستڪ (سنتن جا گيت) ۾ شيپ نالا ۽ چرت ڏنا ويا آهن. هن پستڪ ۾ سنتن جي وچتر ڀاونا جي پوتر ۽ مڌر جهانڪي ملندي ۽ سندن وچتر چرتر جي رس جو سواد پراپت ٿيندو. سنتن جي چرنن کي شرڌا ڀڳتي ۽ چت جي لگنتا سان پڙهڻ ۽ ڳائڻ ڪري درلڀ ڀڳوت ڀڳتي جي پراپتي ۾ سهج ملي سگهي ٿي. سنتن جو سمرن ۽ انهنجي نام جو اُچارڻ انتهڪرڻ کي پوتر ۽ ڀڳوان ۾ پريت اُپن ڪرڻ وارو آهي. انهيءَ ڪري هنجي تمام گهڻي اپيوگتا سمجهي ظاهر ڪيو ويو آهي.

ڪيائون ۽ ادياتمڪ وديا جو خوب اڀياس ڪيائون. ان ڪانپوءِ وديا ديوي سرسوتيءَ جو جاپ ڪري جڻ ساڪيات ديويءَ کي زبان تي هميشه لاءِ براجمان ڪري ڇڏيائون. پوءِ لڳا ڪوتا جو شري گڻيش ڪرڻ ۽ جلد ئي سڄيءَ سنڌ ۾ سڄي گلاب جي گل جيان ڪوتا جي سڳند پکڙجي وئي ۽ ٻري ٻري ڪان ڪونون اچڻ لڳيون. ٿوري ئي عرصي ۾ ڪوين ۾ سرتاج، عام ۾ لوڪ پريه ۽ سنتن. درويشن ۾ پيارا بڻجي ويا. سنڌن ڪوتا جي گهر سڄيءَ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ٿيڻ لڳي. ڪيترن ئي ڪوتا پريمين، راڳين ۽ سنتن جي زور ڀرڻ تي ولاسن جي روپ ۾ جڳن ۽ ميران ولاس، ڪرشن ولاس، برج ولاس وغيره نالن سان ڪتاب ڇپائي ظاهر ڪيائون. پوءِ ته هيڪاري موج مچي وئي جو سنڌ جي آدي استانن جهڙوڪ سنڌ ساڌ ٻيلو سوامي هرنامداس ٽلهي وارا سوامي پريمداس، مانجهندن وارا سوامي ترمداس، گيرلي وارا سوامي مهرداس، لاڙڪاڻي وارا سوامي اچل پرساد ۽ ٻين به ڪيترن استانن مان ورسين، ميلن، ڇپاي ڪرڻ ۽ گدي استاپن جهڙن شڀ ڪارين لاءِ به ڪونون اچڻ لڳن پوءِ ته جڻ نيم ٻڌجي ويو ته جتي به ميلو ملاکڙو ٿئي اتي ڪوي ڀلاجرام جو هجڻ لازمي ئي ويو.

اهڙيءَ طرح سڄيءَ سنڌ جو رٽن ڪري آخر سنه ١٩٣٠ع ۾ سنڌ حيدرآباد ۾ ڀلاجهوري نالي سان آشرم

اوم نرشنگهايه نمه اوم

سنڌين جو سرتاج ڪوي

(سوامي ڀلاجرام جي مختصر جيوني)

سنڌي سماج ۾ ڀيا ٻه ڪيترائي ڪوي ۽ شاعر ٿي گذريا آهن ۽ هيئنر پڻ آهن. پر انهن سڀني ۾ ڪوي ڀلاجرام جي ڪوتا (جا آڌياتمڪ ۽ سماجڪ اوٺاڻ جي آرسي آهي) سمجهڻ ۾ سولي تڪ ٻولي ۾ پوري ۽ اکري لفظن ۾ سرتاج آهي.

اهڙي ڪويراج سوامي ڀلاجرام جو جنم ١۴ جنوري سنه ١٨٩٣ع آرتوار مڪر سنڪرانت مانگهه سنبت 1950 منگل ڏينهن صبوح جو ڏهين ٻجي ڪاهي ڳوٺ تعلقي سکر سنڌ ۾ مکي مدن لعل جي گهر ٿيو. سندن ماتا جو نالو ويڄهار ٻائي ۽ سندن گروءَ جو نالو سوامي شامانند ڀارتي هو.

هنديءَ جي هڪ چوڻي موجب:

"هونهار ٻروان ڪي هوت چيڪني پات"

يعني اهڙن مهان آتمائن جي ڄاڻ ننڍي هوندي کان ٿي سندن آچار، وهنوار ۽ ويچارن مان پرگهٽ ٿيندي آهي. سو ڪوي ڀلاجرام جن ٻه ننڍي هوندي کان ٿي گوڙهه ويچارن ۽ اگاڌ انڀوءَ ۾ غوطا پيا هڻندا هئا ۽ ودِيا پراپت ڪرڻ لاءِ وجهه پيا ڳوليندا هئا. آخر ٻارن سالن جي ڄمار ۾ سوامي شامانند ڀارتيءَ کي وڃي گرو

ڪجھہ اُنان جا تھيل ڇپيل ۽ ڪجھہ ھٿ ناھي ھر سال
ڪونہ ڪو نئون ڇپيل جو ڪتاب ڇپائيندا رھيا.

سندن ڪتابن جي لسٽ ھن پستڪ ۾ پڻ درج ٿيل آھي. ان ڪانسواءِ ڇپائيءَ جو "پھلاج پريم واڻي" (پاڳو پارھون) پڻ سندن ھوندي ئي ڇپيل ھو.

ڪال ڳتي ٻولان آھي جو ڪنھن چيو آھي تہ:

"ڪال ڇڏيو ڪنھڪي ڪينڪي جو جڙيو مڇھہ جھان
رانوڻ ٻاران نا رھيا، نڪي نڪل سدا نيشان
ويا ڪرشن جھڙا ڪان، اسين ڳالھہ ڪيون پوءِ ڪنھجي"
"جو آيا سو چلسين، سڀ ڪوئي آئي واريءَ"
"امر امر ويا مري، نڪيا ڪين نڪن
رھندا رھيا ڪين ڪي، جڙيا ڪين جڙ
وسڻ وسن ڪين ڪي، ٻڌا ڪين ٻڌن
سنت مھنت وڃن، ڪيئين "ادا-ئي" جڳہ مان

٢٣ مئي ١٩٦٨ع برابر جيٺ ڪرشن پکيہ ٻارس سنبت ٢٠٢٥ وسپت ڏينھن صبوح جو ٣ بجي ھن فاني دنيا مان ڪوچ ڪري وڃي برھم لين ٿيا. سندن ٻارھي جو ڪريا ڪرم سنائن ڌرم موجب ڪيو ويو ۽ ان ئي ڏينھن سندن آڏڪاري چياي شري نارائڻ پرڪاش کي مريادا موجب استاپن ڪيو ويو.

شري نارائڻداس سوامي پريمداس
امر ڌام- الھاس نگر ٢
چيٽي چنڊ سنبت ٢٠٢٧ برابر ٧ اپريل ١٩٧٠ع

ٻرپا ڪيائون جو تورَي ئِي وقت ۾ وڏي ناليءَ ني وڃي رسيو. آشرم ۾ ڪٿا ڪيرتن جو ۽ نيم رکي ماڻهن جي دلين کي پاڻ ڏانهن ڇڪيو. آشرم جي شوڀا لاءِ سوامي ڀڳلاجرام جن پنهنجي اشٽ ديو ”شري نرسنگهه ڀڳوان“ جيئنتي اتسو ۽ وڏي ڌوم ڌام سان ملهائڻ شروع ڪيو جو ويساک شڪل چوڏس ڏينهن ٿيندو آهي.
٣ ڏينهن موج متي پيئي هوندي هئي ۽ ڪٿان ڪٿان جا سنت- مهنت راڳي شبدي ڪٿا واچڪ ۽ ودوان اچي آشرم جي شوڀا وڌائيندا هئا.

چوندا آهن ته ”سدا نه اِس جڳه جيوڻا سدا نــه ڪالي ڪيس- سدا نه سهاڳڻ ستي ڪا- سدا نه راجا ديس“
اوچتو ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ هندستان ۽ پاڪستان ٿيو جنهنڪري پاڪستان مان هندن کي لڏڻو پيو ۽ سڀ ڪنهن وڃي هندستان جي ڪنهن ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پاڻکي وسايو.
سوامي ڀڳلاجرام جن ۽ ڀريائين ٻرج ڀومي ٻندرابن ۾ آيا ۽ سال کن رهي اجمير وسايائون، پر اتي ۽ آنند ڪونه آيــن ۽ آخر اچي ديولالي ڪئمپ (ناسڪ) ۾ ساڳيو ئي سنڌ وارو ڀڳلاجپوري (ٻاٻا جي باغ) ناليءَ سان استان ٻرپا ڪيائون ۽ ساڳيو ئي ميلو ۽ منڊل اچــي رچايون، گويا سنڌ کان ۽ سرس پئي لڳو.
ڪوٽا جي ڪاريه کي پڇاڙيءَ تائين قائم رکندا آيا ۽ ڏاڍي محنت ڪري سنڌ ۾ ڇپيل ولاسن جي پڃن کي نئين سر ڀاڳن جي روپ ۾ ڇپائي پڌرو ڪيائون.

بابا جي ڪا باغ، آنند روڊ،
ديولالي ڪئمپ (ناسڪ)



ورتمان- سوامي نارائڻ پرڪاش

سلوڪ

شانت مڪتي ڏان ڏو - ديوو ٻڌي وشال
نارائڻ تيري شرڻ هئہ - ڪرو سرو نهال

—o—

ست چت آنند روپ نمر - ستگر ديئن ديال
ڪرپا ڪرو هرو ڀرم - ڪاٽو جم جنجال

—o—

سري ستگر ڀهلاج - ٻاجهہ ڪئي ٻالڪ مٿان
سيڙ هند جو شرومڻي - ڪوي رتن ڪويراج
نديڙي ٻان وڏڙو ڪري - ڪئي مهر مهراج
سڀ سرڪاري ساج - رکي نارائڻ سندي

—o—

اڄي ديولاڻي ڏسو - ٻاٻاڄي جو ٻاغ
آهي آنند روپ تي - موهن سندو ماڳ
ستسنگ ۽ گرڻ گيان جو - ٿو چمڪي روز چراغ
نارائڻ نصيب جو - هٿي جتي ٿو ڀاڳ
ملي ملهايو قاڳ - گرمک گر چرڻن ۾

—o—

سري ستگر چرڻن (ڀهلاج) سندو - ڌريان سداءِ ڌيان
چوراسي چڪر مٽي - ٿئي نت ڪلياڻ
پوت ٻڌي کي اي ملي - ۽ ٻرڻ ڪلي زبان
تنل من سبنل ٿئي - وڃي غير گمان
اهڙي ستگرو ديوتان - ڪيان تن من ڌن قربان
نارائڻ نسر ٻساڻ - ملي پد ڀهلاج جان ٻ

ॐ

شري نرسنگهاير نمه

سنتن جا گيت

رچيندڙ:- شري سوامي ڀهلاجرام ڪويراج

वंदउं संत समान चित हित अनहित नहिं कोइ
अंजलि गत सुभ सुमन जिमि सम सुगंध कर दोइ ॥
भक्त भक्ति भगवंत गुरु, चतुर नाम बपु एक ।
इन के पद बंदन किएं, नासत बिघ्न अनेक ॥

ڀڄن راڳ ڀيرو (١) سنت مهما

طرز:- ڌن ڌن مورت ڪرشن مراري

ٽل- ڌن ڌن سڀئي سنت سڄارا،
اَمبرت وڏي جاڳي جيڪي
ڀريو جڳن تا پيارا، ڌن ڌن......

١- اَنمبرت وڏي جاڳن جيڪي،
ڀريو پسن تا طالب ٽيڪي
نسنگ رهن تا نيارا، ڌن ڌن......

٢- اَنمبرت ويلو آنند وارو،
ڪليل ڌٽيءَ جو هي دعارو
وچن ويراڳي ويچارا، ڌن ڌن......

ڪٽي ڏسڻ تان ٻار ڪلي پيو،
ساهہ وڏو سنت سچي ٻڇي
۴- ولڀرام جي ننڍڪال جي، وڻنا ٽالهي ڪيائي
ديويداس ڏي ماڻهون مڪو.
هي وڻنا ليکي ۾ لاهي
چيو ٻائي ديويداس گھمي تو،
جھٽ پٽ گھر ۾ اچي اچي
۵- ڪتو مٺل وجهي ڳوڻ چڙي ويا،
ٽيڪون رام جي هٿ تي
ڪٽي اچانڪ ڳوڻ ڇنڊي تان،
ڪتو ڪري پيو پٽ تي
ڪتو هليو ويو ڪُون ڪندو،
ٻاٻي بيٺو ٻڇي ٻڇي
۶- ڏيون ماءُ جو ٻار سڪي ويو،
پيٽ ۾ ڇوڪر ڇوڏو
پنگ ڇڪي ڀڳوان ڏني چيو،
ڇوڏي مان ٽيندو ڏوڏو
ڏوڏي مان رام ديال ٺٽي پيو،
محبت ۾ نر مچي مچي
۷- ٻاڻ چيو "ٻهلاج" ڌڻي درويش ٿي منهنجا مودي
مان ٻيي گھڙي تن ڪان ٿي ونان،
جو ونن غضب جي گودي
جن جن جاڻي تن تن پاتي،
ٻيا ٿاٿا سپ سپ ڏچي ڏچي

٣- ڏرو "ڀلاج" ها صورت ساڳي؛
نام ڄپيائون جاڳي جاڳي
سک چڙ يائون سارا، ڏن ڏن......

ڀڄن راڳ ڀيروي (٢)

طرز: جهوم جهوم کي دو ديوالي

ٽل- درويشن جي دعا دنيا ۾،
کهڙا رنگ ٿي رچي رچي
ٻڌندڙ تاري مٺل جيئاري،
ٻاهه مڇهان پئي ٻچي ٻچي

١- بيڪس جي تربت تي آيو، ڪنئيو ٻاڻ ڪٽائي
چيئين ٻرائي يار ياراڻي، ٻاڙج عرض اگهائي
آندران عاشق چيو ڪنئيا،
معافي تي ٻارين ٻچي ٻچي

٢- پرسومل جو پوٽو ٻڌي ويو، وسڻرام جي ٽڙ تي
چيئن اهي ڏيو لال مونکي،
ن ت. ڏرڻو هٽان ٿو در تي
ڪٽي ڏسن تان وسڻرام جي،
کلهن تي نينگر نچي نچي

٣- مٺل ٻار ڪا مائي ڏئي وئي،
ڪنور رام کي ڪوڏ ڪري
ڪنور رام پئي جيئرو سمجهي،
لوليون ڏئي پيو لوڏ ڪري

ڀڄن راڳ ڀيلو (٤) سنتن جي رهڻي

ٽل- نيم ساڌ يل هو سوامي هرنامداس جو،
پريم ساڌ يل هو سوامي آتم پرڪاش جو
١- ڀيهڻ ساڌ يل هو ڀڳت ڪنور رام جو،
ويهڻ ساڌ يل هو ڀائي اَمرداس جو
٢- ڪرڻي ساڌ يل هئي ڀائي ڪندنداس جي،
رهڻي ساڌ يل هئي سوامي ڌرمداس جي
٣- پڙهڻ ساڌ يل هو سوامي ڀڳترام جو،
ڀڄن ساڌ يل هو سوامي ٽيئون رام جو
٤- شيوا ساڌ يل هئي سوامي گوتمانند جي،
ڪٿا ساڌ يل هئي سوامي شامانند جي
٥- ورتي ساڌ يل هئي ڀائي ڌرمداس جي،
سرتي ساڌ يل هئي سوري نارائڻداس جي
٦- سهڻ ساڌ يل هو سوامي ڪرشن گر جو،
سبق ساڌ يل هو گسائين چيتن گر جو
٧- ڳائڻ ساڌ يل هو ڀائي پنجورام جو،
وڄائڻ ساڌ يل هو جاجڪ ويرورام جو
٨- ٻاڻي ساڌ يل هئي ڀائي اَچل پرساد جي،
ڪوتا ساڌ يل هئي ڪوي "پهلاج" جي

ڀڄن راڳ ڀيروي (٥) وڇوڙو

طرز- دو هنسون ڪا جوڙا بڇڙ گيا ري
ٽل- هي جڙيا جي جوڙا، سي وڇڙي ويندا ڙي
منان ڪي سمجهو محبوب، موٽي ايندا ڙي

ڀڄن راڳ ڪنسي (۳)

طرز: مديدا نہ ديکا تو ڪڇ ڀي نہ ديکا

ٽل- جني درويشن جي دلڙي وتي آهہ،
اُنهن جي ڀي دلڙي رنگ ۾ رتي آهہ

۱- وتي دل گرن جي لهڻي ۽ ٻاٻي،
جڳت گرهڻي ويا ٽڙيا ڪين تاٻي
ٻجهامي نہ اَج تائين، تن جي ٻتي آهہ

۲- پنگو ٻاروشاهہ ٻي، رمز سان رسي ويو
ذريءَ پڪ پيٽڙ سان، وسط شاهہ وسي ويو
دعا عاشقن جي اَگهاڻي اَتي آهہ

۳- وتي دل ڪنور، سنت ستارام جي هٿي
ڇٽن جي ڪٽن تي، مهر جام تي هٿي
نٽيو ۽ وڏو اڄ، سندس ڙٻارتي آهہ

۴- سوامي ٽيئون رام دل، وتي آسورام جي
ننڍيئي ملي وئي، نظر ڪيس نام جي
ڏسو گهر گهر تي ۾، رهي آرتي آهہ

۵- ٻلا شاهہ دلڙي، عنايت جي ورتي
صفا ڪئي سعيد تي، سنڌاسن جي ذرتي
جهڙو چيت تن لئہ، تهڙي ڪتي آهہ

۶- ڪنياريءَ جي دل ۾، ڀهلاج پيئو
نهائيءَ ۾ نرمل، ڏسي نام ويئو
ڏٺي درويشن ۾، فرق نا رتي آهہ

ڀڄن راڳ ڀهاڙي (٦)

سوامي شاماننّد صاحب ڀارتي- سنڌي ڀاشالا هردوار
طرز- تيري دعار کڙا ڀڳوان
تل- منهنجا شام شنڪر ڀڳوان،
اوهان جي ڪنکل ۾ شالا
هوا سي سنياسي سلطان، وڏا ها گياڻوان گڻوان- اوهان جي...
١- شڪارپور سنڌ واهه ٿي، اصلي هو آکاڙو
شنڪر ڀارتي شهر شهر ۾، نر نه هٺي ويو نارو
ڀنيان ٿيو راماننّد رس کان،
هيو ديلي ڀاشي جو اڳوان- اوهان جي......
٢- گوتماننّد هو ٿيون گاديسر، گوتم رشي ها چوندا
وڏا وڏا جوڳيسر جوڳي، جنهنکي پيرين ها پوندا
هيا سي نهنا ۽ نرمان،
سدا ها شيوا ۾ ساوڌان- اوهان جي......
٣- چوٿون نمبر سوامي شاماننّد جن، ويو هيا وگياني
قائم دائم ڪنکل ۾ آهه، آشرم سنڌن نيشاني
ڀنيان سوامي سهجاننّد ستيوان،
ٻٽائي ڀاشالا پرڌان- اوهان جي......
٤ هاڻي سوامي ڪرشناننّد آهه، مٿان نجاننّد سوامي
ڪري "پهلاج" ٻي داس هو دوجو،
همت همت ٿيندا حامي
سائين مهر ڪندا مهروان،
ڪندا شل مشڪل کي آسان- اوهان جي......

١- ڪيڏانهن لڇمڻ ۽ سيارام جو، ويو جوڙو هلي
ڪيڏانهن گهنشام ۽ بلرام جو، ويو جوڙو هلي
ڪيڏانهن سترام ۽ ڪنور رام جو، ويو جوڙو هلي
ڪيڏانهن ٽيئون رام ۽ گوالارام جو، ويو جوڙو هلي
وري اهڙا عاشق ڪي، مشڪل لهندا ڙي

٢- ڪيڏانهن پاروشاهه وسڻ رام، سندو جوڙو ويو ؛
ڪيڏانهن هرچو رام ڌرمون رام، سندو جوڙو ويو
ڪيڏانهن ٻلارام پاشارام، سندو جوڙو ويو
ڪيڏانهن ڏاندو رام هوتو رام، سندو جوڙو ويو
اهڙو پريم پيالو ڪي ورلا پيئندا ڙي

٣- ڪيڏانهن ديوداس ايسرداس جو، ويو جوڙو ڏسو
ڪيڏانهن ڪمياداس ڌرمداس جو، ويو جوڙو ڏسو
ڪيڏانهن ٿهليارام ڪندن داس جو، ويو جوڙو ڏسو
ڪيڏانهن پوڄراجا ڪاليداس جو، ويو جوڙو ڏسو
گلا ساڻ نيندا ڪي نيڪي، نيندا ڙي

٤- آئي "پهلاج" پکن وارو اهو ميلو آدا
ٿڪيو ڪوئي ڏينهن ڪوئي رات، ڪوئي ويلو آدا
ڪنهنجو گرو اڳيو ويو، ڪنهنجو ويو چيلو آدا
ٻيو بنياد ڪان اهو پانڌو، آهي پيلو آدا
قائم ڪنهنجا جوڙا، نه هردم هوندا ڙي

۴- اُن ڪاشي سين آ ڪر آشرم،
ڪنکل مانهن بنايه گئي
پرت اوستا وهان بتائي، آخر سواس سمايه گئي
جيتي جي ششيه سهجانند کو، آسن پر بنلايه گئي
آيُو بڙي دي ايشور اُن کو،
کهي "پرهلاد" پياسي جي

ڀڄن راڳ ڀيروي (٨)

طرز: جڏي ياڳـــ ڏٺي تو پيڙو
ٽل- سوامي شامانند سنياسي، هوا شڪارپور جا واسي
۱- گروءَ شنڪر کان گيان پرائي، پاٺون پد ابناسي
جوڳن وارو جهد ڪمائي، ڪاٽي جم جي ڦاسي
۲- گروءَ پڇاڙا گدي تياڳي، قبول ڪيائون ڪاشي
سنگي ڪيائون سات بيلي جو، اچل پرساد اُداسي
۳- ڪنکڙي ۾ ڪتيا ناهي، وينا تي وشواسي
برهم شروتري برهم نيشٽي، ها انترمک اپياسي
۴- گنگا ڪناري عمر گذاري، تيا ونکنٺ جا واسي
شيوا ۾ ست سال سواميءَ سان،
هو "پهلاج" پياسي

ڀڄن راڳ پهاڙي (٩) سوامي سهجانند پارتي

طرز: مرڻ ويلي مون اڳيان
ٽل- سوامي سهجانند تنهنجو، اَمر نالو ٿي ويو
اَمر نالو ٿي ويو ءِ، اَجر نالو ٿي ويو

پڇن راڳ پيروي (٧)

طرز- سنو سنو يي دنيا والي

ٽل- ستگرو ميرا مهان پرش ٿا، پرم هنس سنياسي جي

نام آپ کا سوامي شياماننډ، پارٿي پارتواسي جي

١- بيس ورش کي اوستا ۾ سڀ،

ويد پاونا پاڇ گئي

تياگ دئي تن من کي ممتا، لگن رام سين لاڳ گئي

گيانوان گرديو ملا تب، جوت برهم کي جاڳ گئي

شنکر آنند ستگر پايا، الک پرش آبناسي جي

٢- بيس ورش تک شيوا هي ۾

ستگر ساٿ سوامي ني

انتر کي لک سيو کرته سڀ،

مانو انترايامي ٿي

ويد وديا اؤر برهم بوت کا، بوت پاءِ وشرامي ٿي

مها ويوڳ ملا ستگر کا، هوگئي سرڳ نواسي جي

٣- ويوڳ اسي ني سوامي جي کا،

انتهکرڻ اداس کيا

شهر شکارپر ڇوڙ چلي جا،

آئر کاشي ۾ واس کيا

بارهه ورش بئٺ اک آسن،

يوگي يوڳ ابياس کيا

ساڌ بيلي کا سوامي ساٿ ٿا،

اچل پرساد اداسي جي

٢- پڙهي ويد ۽ ودوان بڻيو،
ياري پندتن ۾ پرڌان ٿيو
گر گاديءَ جو اڌشٽان ٿيو،
ڪٽوان ونڊو گڻ راسي هو

٣- سنڌي پانشالا نرمان ڪئي،
پاڙهي پاڻ وديا ويهي دان ڪئي
ڪل ڪايا مايا قربان ڪئي،
سدا رکندو ورتي آڪاسي هو

٤- جيڏو وديا ونس ۽ مان هيو
تيڏو هٺ نه منجهس ايمان هيو
جهڙو نالو تهڙو ڌيرجوان هيو،
برهم نيشٽي برهم ولاسي هو

٥- گنگا ماتا سنت سنڀاري وتو،
پنهنجي وير ۾ وير وهاري وتو
"پهلاج" انهيءَ پرم پد کي پهتو،
جو آدي پد ابناسي هو

ڀڄن راڳ ڀيروي (١١)

طرز: توکي گليءَ گليءَ تو گايان

ٽل- سوامي سهجانند سنياسي، هيو يارتي يارتواسي

١- شڪارپور جو شهر هو شاهيءَ
سنڌڙيءَ ۾ جڻ ڪاشي
ديهه ڌري داتا اُت آيو؛ شيه ڏن هو شيه راسي

١- جوان جوانيءَ ۾ آچي تُون، شرڻ سنتگر جي وَٺي
اچڻ سان تنهن جي اندر ۾، جڻ اُجالو ٿِي ويو
٢- سرت سيوا ۾ رکي ءِ، ورت وديا ۾ رکي
سنتگرن جو تو مٿان ڪرم، نينهن نرالو ٿِي ويو
٣- سک ڏسي سيوا ڏسي، سنياس سنتگر هو ڏنو
ڪنڀ چؤراسيءَ سمپن، هي هوجمالو ٿي ويو
٤- پاڻ وديا کي پرائي، دان وديا جو ڪيو
تيار تنهنجي پيار سان، وهوا وديالو ٿي ويو
٥- شام شنڪر جي گدي، ويهي وسائي وڙ تو
دل تنهنجيءَ جو ديوتا، قائم ڪشالو ٿي ويو
٦- اَنت نا اوکي ڏٺم، ۽ ڪشٽ نا ڪوئي ڏٺم
ساس تنهنجو ساس ۾، سهجي سکالو ٿي ويو
٧- گود گنگا ۾ وڃي اڄ، وڙ تو واسو ڪيو
پاسو اڄ ”پهلاج“ جو هاءِ، يار خالو ٿي ويو

ڀڄن راڳ ڀيرَوي (١٠)

طرز: سچو سنتن جو ٿئي سنگ ڙي ادا

ٽل- سوامي سهجانند سنياسي هو،
هردوار ڪنکل جو واسي هو

١- هٺيو جوان جوانيءَ ۾ جوڳي جٽي،
سوامي شيامانند جي شرڻ وٺي
سنياس وٺي هٺيو سنت سٽي،
آنند مک اپياسي هو

١- سوامي شياماند جي شيوا جو،
ترت مليو تنهن کي ڦل تازو
ستگر ساڄو- نام نواڄو- سنت سڀاڄهو،
سنت سڀاڄهو، ڪميا جو خزانو ڪيما ونت ٿي ويو
٢- شڪارپور شنڪرانند سوامي،
شش تنين جو شياءانند سوامي
انتريامي- ناميگرامي- هردم هامي- هردم هامي،
هي نه ڳادي ڌر ڳڻ نت ٿي ويو
٣- سنت سڀاڻو نهنو نماڻو، سڀ سمپردائن کي سڀاڻو
گهوٽ گهراڻو- شان شاهاڻو- ٽانءِ نه ٽاڻو،
اٽانءِ نه ٽاڻو- وڏو ودوان وديا ونت ٿي ويو
٤- ڪنکل جت گنگا مهاراڻي،
پاٺشالا ٺاهي سنت سياڻي
ڏي اَن پاڻي- سنسڪرت واڻي،
مفت پڙهائي، مفت پڙهائي
اهڙو اپڪاري، ادم ونت ٿي ويو
٥- سرهو سانگ ڪري سنياسي، گنگا سمايو گنگا واسي
ليائي تن ناسي، ٿيو ابناسي،
ٿيو سک واسي، ٿيو سک واسي
نهچل پد پائي، نشچنت ٿي ويو
٦- داس ”ڀهلاج“ پيءُ در جو آهي،
گولو انهيءَ جي گهر جو آهي
وديا پرائي- ڪوتا ٺاهي،
پيو گڻ ڳائي، پيو گڻ ڳائي
جيڪو اِلي آيو، جس ونت ٿي ويو

٢- ويهن ورهين جي وير وهيءَ ۾، نيارو ٿي نرواسي
شرڻ سوامي شياماننـد جي پيو،
جوڳي ٻڻي جگياسي
٣- شيوا ڪري سنياس وٺائي، سنبت هو ڇوراسي
پرمهنس جي پدوي پائي،
ڪٽي ڦرڻن جي ڦاسي
٤- هڪ ڪنکل ۾ گنگا ڪنڌو، جتي رشي رهواسي
نيون ستگر پي ساڻ سدائين، وديا پڙهيو وشواسي
٥- گرن پنيان گر گادي پائي، سنبت هيو ڇهاسي
رشين منين جان راڄ هلايو، ماري من مواسي
٦- شيام گرو شنڪر هو ڏاڏو، هي برهما ويد اپياسي
نيڪي ديو جڻ ديهون ڌاري، هٽيا صاف سنياسي
٧- سنڌي پاٺشالا ڪنکل ۾، کولي گروءَ ويا ڪاسي
ساڌو برهمڻ وديا پرائي، سنڌي چاهي هندواسي
٨- جيت سڌي نؤمي تت نرمل،
ٿيا وئڪنٺ جا واسي
هو ٻه هزار سنبت ۽ ارڙهان، پاتو پد ابناسي
٩- ڪرشنانند پنيان ڪنکل ۾، شش سندس شهواسي
پاٺشالا "پهلاج" هلائي، گرن جيئان گڻ راسي

ڀڄن راڳ ضلع (١٢)

طرز: اڪ پرديسي ميرا دل لي گيا

ٽل- سوامي سهجانند سچو سنت ٿي ويو،
مها منڊليشور مهنت ٿي ويو

۴- سناتن ڌرم کي اوچو، وڌرمي وار ڪرڻي ٿي
ٻڌيچا ٻڌ-کنڊي جي ڪا، ويرائون سين ڇايا ٿا
۵- راڄي ڪيا مهاراڄي، چرنن ۾ سر جهڪائي ٿي
ڪري "پرهلاد" ڪاشي ۾، بنا ڪر گيت گايا ٿا

ڀڄن راڳ ڀاڳ (۱۵)

سوامي هرپرساد- شري سڪو ساڌ ٻيلو

طرز: ميرا دل توڙي ني والي

ٿل - هري جو روپ هردم ها،
س هرپرساد سوامي جن
دنيا جي موه مايا کان، هوا آزاد سوامي جن
۱- وڏا ودوان ۽ گڻوان، ۽ جسوان ها جوڳي
وسائيل هندوجاتي کي، ڪيو آباد سوامي جن
۲- مهمه سري ساڌ ٻيلي جا، هئا مشهور ملڪن ۾
سناتن ڌرم جو سنڌ ۾، وڄايو ناد سوامي جن
۳- لڳائي چانوڻي ڇيتر، ڪنين جي خوب ميلن ۾
غريبن ۽ اناٿن کي، ڏنو امداد سوامي جن
۴ هئا "پهلاج" سوامي جن، اداسي ڀيک جا پوشڪ
وٺي ويا برهم آنند جو، سچو پڇ سواد سوامي جن

ڀڄن راڳ ماڍجهه (۱٦) سوامي آتم پرساد

ٿل - سچا سي سنت سرور ها، آتم پرساد سوامي جن
گڻن ۽ گيان جا گهر ها، آتم پرساد سوامي جن
۱- پري ها سڀ پچارن کان،
وشيه توڙي وڪارن کان

ڀڄن راڳ مانجهه (١٣)

سوامي وڻڪنڊي- سري ساڌ ٻيلا ممبئي

ٽل - ست روپ ۽ ستيشور، ها وڻڪنڊي سوامي
يوگين ۾ خود يوگيشور، ها وڻڪنڊي سوامي

١- نرموه نروڪاري، ويدانت جا ويچاري
گڻوان ۽ گڻيشور، ها وڻڪنڊي سوامي

٢- ٻنڪنڊ گهميا ها جهنگ جهر، اوڌوت ٿي ڏگمبر
خود جنم کان جتيشور، ها وڻڪنڊي سوامي

٣- سانده سماڌ لائي، ويهندا ها لو لڳائي
ساکيات پاڙ ايشور، ها وڻڪنڊي سوامي

۴- "ڀهلاج" مست من ۾، ڏينهن رات ها ڀڄن ۾
ٻڌوان ٻڌيشور، ها وڻڪنڊي سوامي

ڀڄن راڳ ڪلياڻ (١۴) سوامي هرنامداس صاحب

طرز: تيري ڪوچي ۾ ارمانون ڪي

ٽل - هري هرنام ٻن ڪرڪي، هري ڪي ڪام آيا ٿا
هري ڪي ڪام ڪو ڪرڪي،
هري ۾ جا سمايا ٿا

١- سندو درياهه ڪي مڌ ۾، ٻنايا ساڌ ٻيلي ڪو
جئسي ڀڳوان وشنو کير، ساگر ۾ سمايا ٿا

٢- جنڪ جم راج ۾ رهه ڪر، رهي نرليپ مايا ۾
رشي ارمهرشي جئسي، جيون اپنا بتاتا ٿا

٣- سدا لڇمي ٿي سيوا ۾، آگيا ۾ اَن پورڻا ٿي
ڀنڊارا ڀڄن ڀوڄن ڪا، اکنڊ ٽمڻي چلايا ٿا

١- گلن جو هار پائي، چندن جو تلڪ لائي
چرنن تي سر نمائي، ستگر جا گيت ڳايو
٢- چرن جو ڌوئي پاڻي، پيئو سو امرت جاڻي
ستگر ڏيندو ساٿي، نئڙي سر کي نمايو
٣- آرتي ۽ ڌوپ ٻاريو، ستگر تي سو اتاريو
ستگر تان تن من واريو، جئه جئه جئه جئه ٻلايو
٤- چرنن جي خاڪ لايو، ورتانا جو انگ ڦاهيو
مڪتي "پهلاج" پايو، لاهو پيي تي سڄيو

ڀڄن راڳ ضلع (١٣)

سوامي آتم پرڪاش پيرگوٺ ڪلياڻ ۴

طرز: نر رام جي نام سان پيار ڪيو

ٽل- آتم جو پرڪاش اچي، سوامي آتم پرڪاش ڪيو
درشن سان دک دور ٿيا ۽ اندر جو اگيان ويو
١- صورت سهڻي سوامي جي،
جا من کي موهي موهن جا
درد مٽي ويا دوکن جا،
جو پيرن اچي هڪ وار پيو
٢- لفظ لفظ ۾ سوامي جي،
جڻ جادو پريل هو جوڳن جا
منتن ۾ سو موهيو ٿي،
جڻ ناڻگ مرليءَ تي اچي نيو
٣- پريم ڪري "پهلاج" گرن جي،
شيوا جن سک ساڻ ڪئي
ڀؤ ساگر جي پيڙن ڪان سو، پل هڪڙي ۾ پار ٿيو

ڀڄن ۽ ڀاوَ ۾ پڙ ها، آتم پرساد سوامي جن
٢- تياڳي ها ويراڳي ها، انتر جا پٽ سڄاڳي ها
ننگي نيهي سچانر ها، آتم پرساد سوامي جن
٣- هندوجاتيءَ سندا هامي، سناتن ڌرم جا سوامي
ديا ۽ ڌرم جا در ها، آتم پرساد سوامي جن
٤- اندر ٻاهر اُداسي ها، سدا ”ڀهلاج“ پياسي ه
وديا جا پٽ ڌرندر ها، آتم پرساد سوامي جن

ڀڄن راڳ پيلو (١٧)

طرز: ڪوالي

ٽل- سچا فقير ها، آتم پرساد سوامي جن
ڀيرن جا ڀير ها، آتم پرساد سوامي جن
١- وهيا ٿي راج ۾، نرليپ گل ڪنول وانگي
ميرن جا مير ها، آتم پرساد سوامي جن
٢- سدائين لين پرڀين ها، نجانند ۾
گٽي گنڀير ها، آتم پرساد سوامي جن
٣- ھٽايائون سواس ڪي، سري رام نام جي مالها
سدا سڌير ها، آتم پرساد سوامي جن
٤- پڪا ”ڀهلاج“ سناتن، ڌرم تي سوامي ها
سچا هندو وير ها، آتم پرساد سوامي جن

ڀڄن راڳ پيلو (١٨) ڀير ڳوٺ

طرز: ٽاٽي لڳا ڪي مانو

ٽل- ڏاري اوتار سوامي آتم پرڪاش آيو،
داسن جي لاءِ داتا ڏاري هيءَ ديھ ڏايو

٢- نسنگ جي نت سرکي پياري،
سنتن جي پرڻ سيوا سيکاري
اَٿر اُتاري- هلي گردعاري- وڃن ويچاري،
تہ ڏي پوء تڪين- پت اَچل......

٣- پوء ڏي پت کي سنت سڃاڻي،
جيڪو پڌائي پوڌ جي پائي
ويد جي واڻي- جاڻ گي جاڻي- ساڻ ٿي ساڻي،
پت تان خيال ڪٽي- پت اَچل......

۴- اوهو ٿيندو اصل اُداسي،
سوامي وانگي صاف سنياسي
نهنگ نراسي- سدا سک راسي- اصل اپياسي،
هرکو ڳالهہ ڳٽي- پت اَچل......

٥- امڙ ٻي اهڙي- پت ٻي اهڙا،
"پهلاج" اچل سوامي جهڙا
هڪ ٿي ويڙا- پسند ٻي پيڙا- هت هت نهڙيا،
ڪر ياڳن وارو هٽي- پت اچل......

ڀڄن راڳہ ڀيم (١٦)

طرز: توڙ دو دنيا ڪي ديوار

ٽل- يڳانون دنيت واري ديوار، ڏنانون هر جا اوانڪار
ايهي گرڻ سوامي اچل ٻرها
هٽائي هردي مان هنڪار،
ڏنانون نرگڻ نرهنڪار- ايهي......

ڀڄن راڳ ڀيروي (١۴)

ٽل - سنتن ۾ سرتاج هو سوامي سمير پري سنياسي
١- پاڪستان ٿيو سنڌ ڪٽي ويو
ڪيائون ھندراھن اچي واسو
سڀ دنيا جا ڏيو ڇڏي
ورتائون شيام سندر جو پاسو
موهيندر مهراج هيو سوامي سمير پري سنياسي
٢- سھڻي صورت موهڻي مورت نهنو هيو نماڻو رام
ٻاهر سادي سودي حالت هو اندر ته سياڻو رام
سڀني سکن جو ڏاج هيو سوامي سمير پري سنياسي
٣- آخر ۾ تان ھانڪي ھاريءَ
پاڻ ۾ ڇڏيس ملائي رام
فاني دنيا مان ڇوٽڪارو ملي ويا نالو امر ھٽائي رام
پريمي سڀ ”ڀلاڄ“ هين
سوامي سمير پري سنياسي

ڀڄن راڳ ڀيروي (١۵) امر ڏام الھاس نگر ٢

طرز: من ڪا مهر ڪري
ٽل - ڪا ورلي ماءُ جڻي - وو جڻي،
ڀت اڇل اڇل جان
١- جھونو ذني جا جوڳي ھٽائي،
پريم پياري پينگهي ۾ پائي
شونق ڇڏائي - ممت مٽائي - هرس هٽائي،
تنجڙي ۾ خوب لڳين - ڀت اڇل.....

جپ پڙهندا ها، ڏاڍا وڻندا هوا - سوامي

٢- وچي ڪوٽيءَ واريءَ روم ۾،
ويهي جوڳ ڪندا ها جهوم ۾
هونگ هڻندا ها، ڏاڍو وڻندا ها - سوامي

٣- جڏي وهن سماڌيءَ واسطي،
چڙهي شنڪر وٽو ڪيلاس تي
ستَ ٻڌندا ها، ڏاڍا وڻندا ها - سوامي

٤- هلندا ها راڄ رشين جيان،
ڏاري مک ۾ مؤن منين جيان
اٺ ڪڍندا ها، ڏاڍو وڻندا ها - سوامي

٥- ”پهلاج“ سوامي شرومڻي، غيب اندر غوطو هڻي
گم رهندا ها، ڏاڍو وڻندا ها - سوامي

ڀڄن راڳ ڀيروي (١٨)

طرز: او مجهي ڪسي سي پيار هوگيا

ٽل - او ار او سوامي اچل ويو اچل ٻڻي

١- رهي ڌرتي آڪاس اڏول ٿي،
ڦري سج چنڊ سڄڻي گول ٿو
اِئين اچل رهيو - من اَٽل رهيو،
نهچو نهچل رهيو - او.....

٢- ڪٿين ماڙين ۽ محلن جي هوندي،
ڪٿين باغن ۽ بنگلن جي هوندي
ڪٽيا ۾ وهندا ڏٺم - هيڪل رهندا ڏٺم،
پت تي سمهندا ڏٺم - او.....

١- سدائين سچڻ سماڌيءَ ۾،
گذارڻ صورت ساديءَ ۾
وٺي نا جسم سندو جنسار،
سيبائي سونهن نڪو سينگار- ايهي گڻ
٢- اندر تان سن ٿي سيباڻي، ٻاهر تان مک ۾ گرواڻي
لڳل هٿي تريا ۾ تند تار، سمجهائون سچنو آ سنسار
٣- هٿي ديهه دنيا ۾ داخل،
مگر هٿي شروع چهين منزل
دنياوي وسري ويو وهنوار، ٻلي ويو سومر آڌار
٤- ستين ۾ پير ٿي پاتائون،
رهي سد ڏينهن نه راتاهون
وڃي پٽي بند ٿيندي بازار،
هردي ۾ ٽيڻ لڳي هٽڙ
٥- هٿي هيءَ سواميءَ جي رهڻي،
ڪٿن "پهلاج" ڪٿي ڪهڻي
انو ٻهي، اندروني اظهار،
ٻاهر جي ڪريا ڏارون ڌار

ڀڄن راڳ ڪوهياري (١٧)

طرز: ٻهرين پوندي سانءِ
ٿل- واٽي پڙهندا هوا- ڏاڍو وٺندا هوا،
سواءِ اچل پرساد جن
١. آئي ٻره ڦٽيءَ پرپاسه سان،
وري منڙيءَ منڙيءَ لاسه سان

مانن سک سدائين شانت جو،
ويهي آنند ورتانون ايکانت جو
پوڳي جي پاهه کان ها پچل
۲- من جيئري مري ويو منورٿي،
کام ڪروڌ ويو ڪافور ٿي
دويت واد ويو دل مان دُور ٿي،
برهم گيان ويو پرپور ٿي
آتما تت ۾ ها اٽل
۳- لڳي سن سماڌ سروپ ۾،
گم ٿي ورتي ترپا تد روپ ۾
اَک عاشق اڙاني انوپ ۾،
رمي رڳ رڳ ورتي خود روپ ۾
مايا جي مل کان ها امل
۴- هو جوڳي سچو جوڳيراج ۾،
جئين جنڪ راجا هو راج ۾
دل ڏيان ۾ هو هٿ هاج ۾،
جيئن پريم سچو "پهلاج" ۾
سکپت سيج تي ها ستل

پچن راڳ آسا (۲۰)

ٽل - سوامي اچل پرساد پنهنجو،
اچ نالو اچل ڪرائي ويا
اچ نالو اچل ڪرائي ويا، ديهه ڇڏي هن دنيا ۾

۳- سير چاندي ۽ سونن جي هوندي،
ڍير ماڻڪ ۽ موتين جي هوندي
منڊي نہ چلڙو ڏنم- سڳي نہ سڳڙو ڏنم،
ڇڳو نہ ڇڳڙو ڏنم- او......

۴- ٿان اطلس ۽ پوسڪين جي هوندي،
ٿان پلشن ۽ پاپلين جي هوندي
ڏوٽي چولڙو ڏنم- متي تي مولڙو ڏنم،
هٿ ۾ پوتڙو ڏنم- او......

۵- مايا گهر ۾ هزارن جي هوندي،
پيتا پوجا مسواڙن جي هوندي
نڪا ڍٽيندي ڏنم- نڪا ڪٽندي ڏنم،
نڪا وٽندي ڏنم- او.....

٦- سمجهو "پهلاج" پراربڌ پوڳ آهہ-
ڪم جوڳيءَ جو ڪرڻو جوڳ آهہ
نيڻ نرمل ڏنم- من نهچل ڏنم،
آسڻ اچل ڏنم- او.....

ڀڄن راڳ ڀيروي (۱۹)

طرز: ستمگر تي دل جي دوا

ٽل- اچل پرساد جن ها اچل، گيان مستيءَ ۾ ها متل
رنگي رام رنگ ۾ ها رتل،
گيان مستيءَ ۾ ها متل

۱- آئي پرهہ ڦٽيءَ پربات جو،
ڇڏي نند مٺي اڌ رات جو

١- اوُپر گر ديو ڪا سنگهاسن،
سامهي سري چندر ڪا آسن
باجوُ پر راڌان ڪرشن ڪان، بنا هئه مندر عاليشان
٢- نيچي هئه سنتوڪي گادي،
سامهني شنڪر ستوادي
داهني اَن پوُرنا ڪا دان، بنا هئه مندر عاليشان
٣- مهنت اَب رام ڪرشن سوامي،
بڙي هئه ساڌو سنماني
ڪرلو "پرهلاد" جان پهچان،
بنا هئه مندر عاليشان

ڀڄن راڳ آسا (٢٢)

ٽل- سنڌ ڪي سنت مشهور،
مهنت سوامي بالڪداس ٿا
١- بابا وستيرام ڪا چيلا ٿا،
جسڪي مندر پر نت ميلا ٿا
وهان ساڌئون ڪا ساڌ ٻيلا ٿا،
هوتا ستسنگ صبح شام ٿا
٢- ڪوئي سوالي خالي نه جاتا ٿا،
جو آتا ٿا سو کاتا ٿا
پرساد گروء ڪا پاتا ٿا، جپتا راڌي شام ٿا
٣- بابا بچپن سي برهمچاري ٿا،
گرو نانڪ ڪا پوجاري ٿا
نرموهي نرنڪاري ٿا، نرمل ۽ نشڪام ٿا

ٻي دنيا وير وسائي ويا،
ٻي دنيا وير وسائي ويا. اڄ......
١- جهڙو نام هيو تهڙو ڪام هيو،
تهڙو اندر ڪي آرام هيو
۽ سواس سواس ستنام هيو،
انهن آتم پدوي پائي ويا. اڄ......
٢- رنگيرام جن جي گادي هئي،
ٻر صورت سندن سادي هئي
۽ سارو ڏينهن سماڌي هئي،
انهن جوت ٻر جوت جڳائي ويا. اڄ......
٣- او جهڙا گياني هوا تهڙا ڌياني هوا،
تهڙا داتار دل جا داني هوا
نرموهه صفا نرماني هوا،
انهن مرهه ۽ ممت مٽائي ويا. اڄ.....
٤- امرداس مٿان آسيس ڪئي،
۽ گادي پنهنجي بخشيش ڪئي
پوري آس سنگت جي ايش ڪئي،
"ڀهلاج" ٻرڀن ٻرچائي ويا. اڄ.....

ڀڄن راڳ ڀيم (٢١) الڪدام. اڄين

طرز: اُنهن جا ڪلئي ڪارج راس
ٽل- ديکو الڪدام استان، ٻنا هئه مندر عاليشان
ذرا چل درشن ڪر ليجي، ذرا چل.....

سرگس نڪتي ڀُنڀ ٻاجهن سان، بيشڪ پيڪيدار
٦- ننڍو نارائڻ وڏو نارائڻ،
ڪري "ڦلاج" ٻي آيو ڳائڻ
گڏجي مسجي گيت چيائون، آنند ٿيو اپار
٧- چوهڙمل ڪئي شيوا سڀن ٿي،
تن جي من جي دولت ڌن جي
ماڻن پاڻ ٻي ٿهل ڪئي، نت ڦل ڏيندن ڏاتار
٨- وشنيرام جي وسندي واڙي،
سند ۾ هند ۾ ڏينهون ڏهاڙي
پريمين لاءِ "ڦلاج" هٽي وبو، سڀو سرڳ دوار

ڀڄن راڳ (٢٤)

جوهيءَ جا سوامي ڀڳترام- ٻڙودا

ٿل ڀڳت سڀو ڀڳوان جو، سوامي ڀڳترام هو
شهر جوهيءَ ۾ سندن، دربار توڙي ڌام هو
١- تياڳ ڏيئي گرهست کي، سو وير وئراڳي ٿيو
هلڻ تائين منل ۾ نه، ڪروڌ هو نه ڪام هو
٢- لڪن توڙي ڪکن ۾ هئي، سم نظر سوامي سندي
لوڀ لالچ کان پري، نسنگ اؤر نسڪام هو
٣- رات ڏينهن ويدانت جو، سمرڻ سدا هو ڪندو
مک ۾ راڌي شام هو، يا ته سيتارام هو
٤- "ڦلاج" چولو هي ڇڏي وڃي،
جوت ۾ جوتي ٿيا
دک سک ۾ سنتن جيءَ، اندر کي آرام هو

٤. اُجين ۾ اُن کي چيلي هئن،
جو اَب ٻي ڪري ميلي هئن
”پرهلاد“ ۽ رهتي“ ويلي هئن،
ٽاڻيا جنو ني اَلکدام ٽا

ڀڄن راڳ ڀهاڙي (٢٣)

طرز: ديک تيري سنسار ڪي حالت
ٽل - سوامي سنتداس جي آشا پورڻ ڪئي ڪرتار
ٽڪي ويئي الکدام دربار
١- سنتداس جي آشا من جي،
رام ڪرشڻ ڪئي پوري تن جي
ڳجهي ڳجهي ٻي مهر مٽان ڪئي،
نانڪ نرهنڪار
٢- اُڄ تيرٿ اوجين نگري،
جالي وڪرم ڀوج ڀرٿري
ڀاڳ ڀلا ٿيا هن ڀومي ۽ جا، وينا سنت سڀار
٣- هيٺ گدي ۽ مٿي مندر آهي،
سرڳ پري جڻ سڀي اندر آهي
ڪٿا ڪيرتن شام جو ٿي، ۽ اٿر جو آساوار
٤- شرڻ داس غريب داس ٻي،
مهرداس ۽ برهمداس ٻي
رام پرت جيان پاٺر ٽڪجي، ٿهل ڪئي نمتار
٥- مانگهه جو مهينو شڙ جو ڏهاڙو،
مهورت ٿيو ۽ ٿيو پنبارو

گرو گوبندداس جو جنهن جهنبو جهولايو،
اهڙو اُپڪار ڪيو ڪندو نہ ڪير
٦. هاڻي اَمرداس وينو مهنتي ڪمائي،
وڏن سندا ورسيون ميلا وينو ملهائي
پانهنجو "پهلاج" وينو شان وڌائي،
سائين گوبند ڪندو سرها سڀ سيڱو
پيڙن راڳ پيرو وي (٢٦) ڀائي آلماسنگهہ دربار ديولالي
طرز: ساري ساڙي رات
ٿل: ڀائي ڀڳت سنگهہ جن، ڀڳتي ڪري ويا
گيان گرو گهر جو، ڏيان ڪلنگي ڌر جو-
دل ۾ ڌري ويا..
١- ڌنو خزان سنگهہ ٽين ڪولي خزانو،
ورتو آلماسنگهہ هيو سنت سياڻو
پنهنجي سکن جا- پنهنجي ڪٽمبن جا،
پيندارا پري ويا
٢- ڀائي ڀڳت سنگهہ ٻي هٽيو ڀاڳ شالي،
ورتي وڏن کان ايها مڙئي مالي
جيڏري جوڳن سان سان،
جيڏري گرن سان- جي ڪي جڙي ويا
٣- هتي مدهن "پهلاج" نڙت نماٽي،
هرندي ٽڪ نا وساري هتي واٽي
چڏي مش ديهي،
نيپي لوڪ نيٺي- پريتم پري ويا

پڇن راڳ آسا (٢٥) گوبند ڏام- ڪار ٻمبئي

طرز: راڏي گوبند پڇ راڏي گوپال

ٽل- جائي گوبند جا پير، تائي مايا جا ڀير
جائي سنتن جا پير، تائي خوشيون ۽ خير

١- گهري گوبند داس مدن داس هو ولو،
چانڊومل پيت ڪيو درد ٻي لٿو
گرو گوبند داس هٽي رنگ ۾ رتو،
وڏن وردان ڏنو صبح سوير

٢- گرو گوبند جيڏري ٻنهجي جوت جاڳائي،
سوامي سنمکداس اوها آتما آئي
ديھ ٻليدان ڏئي نگري ٻچائي،
وٺا ٻي ويٺي ديو ويرن مان وير

٣- سوامي ديوداس ساڳي جوت ٿي آيو،
هرداسمل ڪي ڪليڪٽر تن هو هٽايو
ياد وليرام مٿان مؤت موٽايو،
دل جا دياوان هوا داني ۽ دلير

٤- چوٿون سوامي ڌرمداس ڌرم مورتي،
مور مانجهندن جا هوا سادي صورتي
بکين ننگن جي ها ڪندا روز پورتي،
ايڏا کيا دان جيڏا کيا ڪبير

٥ ساڳيو روپ سوامي گرداس ٿي آيو،
ڪار ٻامبي ۾ گوبند ڏام هٽايو

سنت سپاٽو هو- سڀ کي سپاٽو هو
سوامي پارداس هو- سوامي پارداس هو- سوامي
۳- گيانين ۾ گياني هو- ڌيانين ۾ ڌياني هو
ٻڙو برهم گياني هو- ٻڙو برهم گياني هو
سنت سداچاري هو- بال برهمچاري هو
سوامي پارداس هو- سوامي پارداس هو- سوامي
۴- دل جو داتاري هو- وڏو اُپڪاري هو
سچو شيواڌاري هو- سچو شيواڌاري هو
سکن جو ساج هو- پريمي "پهلاج" هو
سوامي پارداس هو- سوامي پارداس هو- سوامي

ڀڄن راڳ ڀيروي (۲۹)

طرز: سنو سنو يي دنيا والي

ٽل: ايسرداس شل آتما تنهنجي، ڏسندي ايسرڌام
آشا گنبج ۾ آشا تنهنجي، پوري ڪندو ستنام
۱- رتنداس جي آتما ويهي، تو ۾ واسو ڪيو
ڪنيي ليمن ۾ توئي اڪاڙو، راتول راس ڪيو
دوُر دوُر جي درويشن ئي، اچي وٺو وسرام
۲- پنيان تنهنجي پارداس ۾، ويهي جوت جڳائي
تنهنجي نالي نوابشاهه ۾، ايسرپور ء اڏائي
ڀڄن ڀنڊارو خوب هليو ئي، ڏينهن رات جو جام
۳- هاڻي پيئي اجمير ۾ ايشور، ايسرڌام ٺاهيندو
ساڌ سنت ۽ سک شيوڪ شل، اچي آرام پائيندو
ڏيندو شل "پهلاج" هي شڪتي،
گرمک کي گهنشام

پڃن راڳ بهاڳ (٢٧) سڪند دربار صاحب ديولالي

طرز: ہي واعدا ڪرو چاند کي سامهني

ٿل: هري رام سوامي هريءَ کي جڻي
دنيان جا ڇيڻئي ٻڌن ويو ڪڻي

١- رهيو سنت ساڳي هو سنسار ۾،
مگر دل لڳائي هئي داتار ۾
ڪمائي کهڻن جي ڇڻي نا ڇڻي

٢- ٿي گهر جي ڪئي سار ھر جي ڪئي،
ٻئي سانگ ساڃن ڪري ويو سهي
رمز سان رهي سو نہ طالب ٽڻي

٣- ڏني دل ڏٺيءَ کي ۽ دنيان کي ديھ،
ڪيو جاپ آخر هي ڇڏڻو آ ڏيھ
اهو سنتن "پهلاج" نئي گهر ٽڻي

پڃن راڳ تلنگ (٢٨) ايسر ڏام (نراھشاھ) اجمير

طرز: چپ چپ کڙي هو

ٿل: سوامي ايسرداس هو، جنهن جو چيلو خاص هو.
سوامي پارداس هو. سوامي..

١- ڪنين ۾ ڪار هئي- وڏي دربار هئي
مهما اپار هئي- مهما اپار هئي
تنهنجو گدي دار هو، سنت سچار هو
سوامي پارداس هو. سوامي پارداس هو. سوامي...

٢- راڳن ۾ راڳي هو، تياڳين ۾ تياڳي هو
وڏو وڏڀاڳي هو. وڏو وڏڀاڳي هو

۵- پنيان ٿيو پارداس پارس، ٿاپو گاديءَ جو وارث
رکيو جنهن ويسهه ۽ وشواس،
ڪيائون ڪارج ڪل جا راس
گروءَ جي جوت جڳائي ويا
۶- جڳا جڳ اجر امر آهن، مرڻ جا سنت سچا ناهن
ڪري "ڀلاج" ڪري ارداس،
ماٺي شل گادي گرمکداس
اهو ئي رنگ رچائي ويا

ڀڄن راڳ آسا (۳۱)

طرز: اٿر جو اُٿي رام کي ياد ڪر

ٽل- ٻڌو گرڻ سوامي ايسرداس جا،
ڪٽي ويا ٻنڌن پنهنجي جم ڦاس جا
۱- هڪڙو جتي ۽ ٻيو جوڳي هئا،
وشئه واسنا جا نه ڀوڳي هئا
ڪري ويا سڦل سگهڙا سڀ سواس جا- ٻڌو.....
۲- رتنداس جن ڪين رتن ويا ڪري،
ڀڄن جا ڏئي ويا ڀنڊارا ڀري
وڏن جي هئا پاتر وشواس جا- ٻڌو.....
۳- گرو گرنٿ صاحب لکي هو ويا،
هزارين سندن سک شيوڪ ٿيا
هيا عاشق انيڪ جي اپياس جا- ٻڌو.....

ڀڄن راڳ تلنگ (٣٠)

طرز: توڙ دي دنيا کي ديوار

ٺل: سچا هتا سواءِ ايسر داس،
کيو هو کنب ليمن ۾ واس
نغارو وير وڄائي ويا

١- ڇڏي جڳ جوبن جواني ۾، لڳايو من گرباڻيءَ ۾
تياڳي وشئه وڪار جو واس،
کيائون ڪام ڪرود کي ناس
ممت ۽ موهه مٽائي ويا

٢- ٻڌيا ها راڳ مان ونراڳي، ٻڌيا سر تعار مدجهان تياڳي
اندر ۾ اٺئي پهر ابياس،
ڪندا هوا سڦلا سڀيئي سواس
وڙت نا هڪ به وڃائي ويا

٣- جڏهن گرو امرداس جن داس،
ٻڌايو جيئي کي رامداس
پيا تنهن رتنداس کي پاس
ٻڌايو جيئو ايسرداس
رتن جن رتن ٻڌائي ويا

٤- گروءَ جو گرنٿ صاحب پيارو،
لکيائون هٿڙن سان سارو
پڙهي کيو سڀني سنتن پاس،
ڇڏي ويا اهو خزانو خاص
سرت ۾ سرت سمائي ويا

نيٺ "سدامي" جي پونگيءَ کي،
رنگ محل کيو شام اچي
۴- درشن هن دربار جو هاڻي،
هوت هلي هکوار کيو
گياني گرمداس گديءَ تي،
تنهنجو ئي ديدار کيو
کوي "ڀهلاج" ٻه کويتا ناهي،
اچي اتي پرچار کيو
شردالن جي شبوا سڦلي، سيگهه کٽي ستنام اچي

ڀڄن راڳ آسا (۳۳)

طرز: اٿر جو اتي رام کي ياد کر
ٽل- سچو سنت سوامي ايسرداس هو،
کميا جو خزانو ونس خاص هو
۱- جنم کان هيو سنت جوڳي جتي،
وڪارن جي جنهن ۾ هئي نا رتي
شرن ستگرن جي وڃي جنهن ورتي،
اندر کيس ايشور جو اڀياس هو
۲- هيو خيال تنهنجو نماڻو سندس،
اداسي هيو ايڪ پاڻو سندس
رتن داس ستگر هو سياڻو سندس،
سرڳ جي مثل آ ٺڪاڻو سندس
گرو گهر جي داسن سندو داس هو

۴- اهو ميلو سوامي گرمکداس کيو،
پڄڻ هي آئي پاڻ "ڀلاج" چيو
کندا راس کارج سدا داس جا

پڄڻ واڳہ پيروي (۳۲)

طرز: سنو سنو اي دنيا والو

ٽل- آشا ڳنڊج اجمير ۾ ايشور ٿاهيو ايسر ڌام اچي
آشا گنڊج جي آشائن جو ندگ نياپو نام اچي
۱- کنپ ليمن جو آد اصل کان،
عاشق جو استان هيو
ترک نباھ کري وپا ٺهن کي،
نالو نيشان نہ ذانءِ رهيو
نوابشاھ ۾ ايسرپور جي نالي سان ٺئون نگر ٺهيو،
پارداس جن مندر ٺاٺي اتي کيو آرام اچي
۲- پوء اچي سندڙيءَ جي سر تي، پاپي پاکستن پيو
ويهڻ همدن جو وطن پنهنجي ۾
ويرن سان گڏ وھ تي ويو
داٺو داٺو ٿي وئي دنيا،
کو کاڏي کو کاڏي ويو
ڌرم جي خاطر ديس ڇڏي،
کيو پارت ۾ وسرام اچي
۳ گرمکداس ۽ آسرڻ پنهنجو، آشا گنڊج اجمير کيو
دک پنهن دربار ٺاٺي، واهي خلق جو خير کيو
آئينده جي آش اميدن کان، نا پونتي پير کيو

ڀڄن راڳ آسا (۳۵)

طرز: دنيا ۾ جيڪي گهر سي سيٺي مال ملن ٿا

ٽل: پارداس توکي پاس ايسرداس ڪري ويو
دَيا ڪري پنهنجي درجو داس ڪري ويو

۱- وديا ڏيئي توکي ودوان ڪيائين،
گيان ڏئي توکي گڻوان ڪيائين
راڳ سندي رمز ڏئي راس ڪري ويو

۲- چڱن چيلن مڃهان توکي چونڊي ڪڍيائين،
گادي ماٿيندين تون ائين پاڻ چيائين
ايشور کي تو لاءِ ارداس ڪري ويو پاڻ

۳- تون ٻه گرن ساڻ سدا ٻول ٻڌل هيئن،
مانجهادن جي شهر مان تون لال لڌل هيئن
موه ممت تنهنجي من مان ناس ڪري ويو

۴- ”ڀهلاڄ“ ڪري ٿهل وٺي مهل هليو ويو،
ستگرن جي پريم جي پي پهل هليو ويو
سنتام جهڙي سڦل پنهنجا سواس ڪري ويو

ڀڄن راڳ ڀيدي (۳۶)

طرز: جن دل ۾ سايا تم ڪر

ٽل: پارداس داسن کي پار ڪري،
ويو پريمن تي اُپڪار ڪري

۱- تو مانجهدن ۾ ديهه ڌري،
هئي ماتا طوطي ڀاڳ ڀري

٣- ويو بخشي گادي ﻫ پارداس کي،
متاني پريمين جي ويو پياس کي
وڃايائين ويرت نہ هڪ سواس کي،
اونايائين غريبن جي ارداس کي
ويساهن جو سواميءَ ۾ وشواس هو
٤- متي پوهہ مهينو هٽي پدرهين ادا،
انهيءَ ڏينهن سوامي ڪٽي الودا
وڃي گهر ڪيائين سرڳ ۾ سدا،
رهي ٿل سوامي سڪي سرودا
پريوءَ کي پڻ "پهلاج" جڻ خاص هو

ڀڄن راڳ پهاڙي (٣٤) سوامي پارداس ڪنڀ ليما

ٿل- سوامي پارداس سنت پيارو،
هو ڪنڀ ليمن وارو
١- مانجهندن ۾ جنم ورتائين، هيو پرسورام جو پيارو
ڪنڀ ليمن ۾ گرو ڪيائين،
سوامي ايسرداس سوپيارو
٢- ٻيڪ اداسي سرلي ڌاري،
ڪيائون دنيا کان ڪنارو
گروءَ وٽان ست گيان پرائي، من جو لاٿو مونهارو
٣- سهڻي صورت مٺي مورت، دل جو هيو داتار
شيوا منجهان ٿي ميوا پائي، ٻڌيو پاڻ پاڳن وارو
٤- هاٽي نوابشاهہ ۾ اچي، داتا وڏو دوارو
پاڻ "پهلاج" پرلوڪ هليو ويو، تياڳي جهوٺو سنسار

۲- گوبند ديو اؤڏوت ستگر هلي ويو،
گر گيان پائي ڪنول گل کلي ويو
ڏنل ڏات مان هٿين، ساڌورام سوامي......

۳- عمر اترا کنڊ ۾ اوهان هٿي گذاري،
آئر ڪاشي گنگا رشي ڪيش جهاري
گياني گيان مان هٿين، ساڌورام سوامي......

۴- آخر ناروشاهه ۾ آشرم ٺاهيو،
جيون مڪتي ماڻي جنم ڪيو سڃايو
"پهلاج" پرماتما هٿين، ساڌورام سوامي......

ڀڄن راڳ ماڍهه (۳۸)

طرز: دلدار منتار
ٽل: سومي ساڌورام، سچو سنت ٿي وئين
نارو پنهنجي نام جو، هند سند ۾ هٽين وئين

۱- تياڳي تون ويراڳي تون، ورڪت تون هٿين
ڀڳوان سنڌي ڀڳتيءَ جو، سچو ڀڳت تون هٿين
سنسار منجهان سوڌي، سار ڪڍي وئين

۲- تمنا ڪري تياڳ، ٺٽين تيرٿ واسي
اندر ۾ اداس، ٻاهر ٻيڪ اداسي
هت ۾ وڙي وئين واهه، هت ۾ وڙي وئين

۳- سون نڪو مين نڪو، وستر جان تي
نيشٺا هٿي صرف، برهم گيان ڌيان تي
پسم برهم ٻاهه ۾ ڪري، آهم اٽي وئين

جنهن جي گهر ۾ اُها جوت ٻري
وٺين اَرڻ سندو اُجيار ڪري
٢- گرو ايسرداس جو داس ٻڌيو،
هي ٻالڪ تنهن کي واهه جو وڻيو
ڇيو منهنجي مندر جو ٿيندي مٺيو
ويندي شيوڪن جو سينگار ڪري
٣- تون وديا جو سڪي ردوان ٻڻي،
تون گيان سڪي گڻوان ٻڻي
تون ڌرم ڪري ڌنوان ٻڻي
وٺين دل پنهنجي داتار ڪري
٤- ”پهلاج“ پريمي سنيارن تا،
ڪٽي نيڻ نماڻا نهارن تا
منو نالو تنهنجو اُچارن تا
وٺين دل وارن کي ڌار ڪري

ڀڄن راڳ مانجهه (٣٧) سوامي وشمبرديو
گوبند ڀون- اجمير

طرز: هري رام چئه تون
ٽل: اَمر آتما آهي، سڌورام سوامي
لاڙ لاتما هو، ساڌورام سوامي
١- اڳئين جنم جو ٿي جوڳي لڳو،
نندي ٿي جڳت جي جنڄال کان ڀڳو
جوڳين ڌاس مان هڪين، ساڌورام سوامي

ويو وشواسي هئين، جهڙو بيک اداسي......

٢- تو ڌاري نڙرت نيازي،
كئي عاشق سڀ سان آزي
ٻئي گهوت وئين تون غازي، تو تي ستگرو هو راضي
پوگ اپياسي هئين، جهڙو بيک اداسي......

٣ ٿي بيک، ڌرم جو ٻاني،
كئي تن من سان قرباني
تون لعل هئين لاثاني، تون نرمل هئين نرماني
پريم پياسي هئين، جهڙو بيک اداسي......

٤ تو سنڌ ڌام تان گهوري،
اچي عاشق ٺئين اندوري
تو سواس جي مالها سوري،
"پهلاج" اور ابها اوري
وئنڪنٺ واسي هئين، جهڙو بيک اداسي......

پڇن راڳ ڪالنگڙو (٤١)

طرز: منهنجا مارُون كئي ۽ ملير كئي

ٽل- سوامي سنمکداس جن هئا گياني،
ٻڌيا پريوء جي پڇن جا ڌياني

١- كري نت نيم اشنان- ورتائون پورڻ گر كان گيان،
پوء پاتائون پد نرواڻ- هئا سي ٿاني
كري ڌرم ۽ دان- پڙهي ويد ۽ پراڻ،
هيڙا نرموهي نروان- هئا سنتن جا سنماني

۴- ناد تنهنجي نام جو، وشمبر وڃائي
اَڄمير كاري كوهي ني، وينو مندر ٺاهي
"ڀهلاج" بخشي تنهن کي، ڪرپا جي کٽي وئين،

ڀڄن راڳ آسا (۳۹)

طرز: سک ۾ آهن فائدا

ٿل- هئا سچن سنتن سندا گڻ، سوامي ساڌورام ۾
جن گذاري آورجا اوڌوت ٿي آرام ۾
۱- گهر ڇڏي گنگا ڪناري، گود گوبند جي ورتي
جوڳ جهاريءَ ۾ ڪمايو، سک رکي ستنام ۾
۲- بال برهمچاري هئا، ساڌو سداچاري هئا
حرص هردي مان ڪڍي، هردو رکيو هرنام ۾
۳- تياڳ جي تصوير ها، گڻوان ۽ گنڀير ها
پير ها فقير ها، نرت هئين هڪ نام ۾
۴- اَڄ سندن گادي اُتي، سوامي وشمبر ديو آ
گرن جان "ڀهلاج" گهارن ٿا، وينا وسرام ۾

ڀڄن راڳ ڀيروي (۴۰) موهن ڏام- اِندور

طرز: ريشمي سلوار

ٿل: سوامي سمڪداس، تون سک راسي هئين
جڳ ۾ بيک اُداسي، تهڙو اُداسي هئين
۱- تنهنجي صورت سوامي سادي،
تنهنجي خيرپور ۾ گادي
تنهنجو بيک اُداسي انادي،
هئين ويد وديا جو وادي

۲- هيا نا گهوٽ گهرڄڻ جي،
ڏنا هو گهوٽ گهرتن جي
وڳا ها دهل در تن جي، هٿا وردان جا والي
۳- ٻڌائي ڪونلا ڪنڍن، لڌايو خوب اُن ۽ ڏن
سدائين پريمي ٿيا پرسن، ڏسي هن لال جي لالي
۳- ڪري ”پهلاج“ جي آسا، آيا ٿي در پيهي پياسا
ڪٽي مان تو ڪيا ڪاسا، ڏيالو ٿي ڏيا پالي

پڇن راڳ پهاڙي (۴۳) سائين وسڻ شاه الهاس نگره

طرز: تون هڄين ۽ مان هڄان
ٿل- پڪ نـــ پاروشاه جي پٽي،
ويو گهڙيءَ ۾ گهوٽ ٿي
ويو اگهامي پاءَ نه ته مٽن کي ٻي ءوت ٿي
۱- لپ سڪي تي لال ٿي ويو، وسڻ جو وڏهو سڄو
چڱن ورٽن کان ٻي سندس، چانڊنه ويئي چوٽ ٿي
۲ منيون ٻه پاروشاه جون، ٿين مٿ ڏني محمد حسن
هند توڙي سنڌ ۾، نالو سندس ويو نوٽ ٿي
۳ لکه لڳن ورسيون پيون، ۽ لکه لڳن ميلا پيا
پر ٻڌي سي ڪانه ڪا،
ڪنهن جي خزاني ڪوٽ ٿي
۴- جو رکي پڻسو پٽي، سو ٻه سيئنو ٿيو وڃي
ٿهل وارن جي ٿهوڙيءَ ۾، ڪڏهين نا ٿوٽ ٿي
۵- ٻاجه پنهنجيءَ جي جي ٻڪي،
ڏيئي ويا اُمرداس کي

۲- پڙهايائون نديڙا وڏڙا ٻار- ڏيئي پستڪ ڌرمي ڏار
پني پنڊتن کي ڪ پگهار- هيا ڏياداني
لکين کهڙا کهڙا بيان،
هوا سي سنت سچا سبحان
ڏاهيائون هند سند ۾ استان، وڏا وير ودواني
۳ جيڪي تن جهد ڪمايائون جام،
ٻولي رڳ رڳ مان رام رام- وڃي وسايائون
ونڪنت ڌام ها جوڳي جاني
۴- ڏاهيائون اندور موهن ڌام، جنهن ۾ ساڌو ڪن وسرام
هلي جت ڪٿا صبوح ۽ شام، هوا لال سچا لاثاني
هئا ڀڳتيءَ جا ڀنڊار،
سدائين ڪيائون پراپڪار، هوا ساڌن ۾ سينگار
"ڦلاج" هئا گڙ واڻي

ڀڄن راڳ ڀاڳ (۴۳) سوامي هرچورام اُلهاس نگره

طرز: نه تون رهندين- نه مان رهندس

ٿل- سوامي سيتورام جي در تان،
سوالي ڪونه ويو خالي
جهلي جي جهول ڪي آيا،
ڪٽي ويا مرڪ سي مالي
۱- ڇٽي ويا مرض ڪان مرضي،
ڇٽي ويا قرض ڪان قرضي
رهيو غافل نڪو غرضي، ڪٽي ويا خوب خوشحالي

٣- سونو ڪوڪو ڪيئي ڪنور ڪري
گهر واريءَ کي پاڻو
ٻجهو ٻجهو هيءَ ڪوڙ ڪنور جو، هو ستارام سڄاڻو
انهيءَ ڏينهن کان ٻار ڄڻن جو، اما آسرو لاٿو
عرض گروءَ کي ڪيو ڪنور، اولاد ٻنان هان آئو
وجهه وٺي ستارام سنت پي، ورندي نيٺ ورائي
۴- ڪوڪي واري ڪيئي ڪهاڻي،
ڇيو ٽونڪ مان ٽوڪي
ڪڪڙي واري ڪوٺي ڪنور ڪا،
بند ڪئي تئي ڪوڪي
ڏرم جو ڏن دروازي اڳيان، راهه پنڌو ٿي روڪي
ڪوڪو ڏي ڪنهن ٻڪئي ڏ ڪئي کي،
پنڙو ڏيان مان ٽوڪي،
ڇا ڪوڪو ڇا ڪنور لڳي، ٻر آهي وات اڏائي
۵- ڪوڪي ڀهاني ڪوڙ ڪنور جو،
ڪيو ڪامل تي ڪري
ڪنور رام پي ڪوڪو آڻي، حاضر ڪيو هٿ جوڙي
معاف ڪيو جيئن مايا منهنجي،
من کي وري نه موڙي
جيڪڙي مري ڏڳياسو ورلو، ڇپ نه سامهون ڇوري
فرمدار سو ڪنور ڏنو، ”ڀلا“ سنت جو سائين

هو ٻي عاشق ٿي ويو اچ، عاشقن جي ارت ٿي
٦- اَمر ٿي نالو ويو "پهلاج"، وسڻ شاه جو
۽ امر اتهاس ۾ ويو، روهڙيءَ جو ڳوٺ ٿي

ڀڄن راڳ ڀيروي (۴۴) ڀڳت صاحب ڪنور رام امراوتي

طرز: سنو سيتان کي ڪهاڻي

ٽل- ڪئي جا ڪنور ڪمائي، ڪونهي ڪو قلم سياهي
لکان جنهن سان ڍ- اهو داستان،
ڪوئن کي قدر نہ پائي
١ ڦڳڻ مهينو ڦرندو گهرندو، هوليءَ سان ٽڌ آيو
ساٿين سان سترام سنت ٻي، رکيو روهڙيءَ ڏي رايو
وسترام جي ڏيوريءَ ٽي،
اچي ڪنگو ڪئنسر چڙهايو
گيتن جي ٻي گلن قلن جو، کيو صبوح سان سعايو
گر ڀڳتيءَ جي گرمڪ اها، سڀ کي سکيا ڦٽائي
٢- ڀڄن ڪرڻ لئہ ڀڳت صاحب جي،
بيٺي ٽرندي ٽولي
ڪنور رام ٻي گڏجي پوءِ گروءَ سان،
خوب ملهائي هولي
آگيا ٿي اُٿ ڪنور رام کي،
جهٽ ٻٽ ۾ ڪر جهولي
سورٺ مارُون سارنگ ڳايو، ڪنهن جو لاڏو لولي
ڇا چانديءَ ڇا سون جي سنگت، ورکا پئي ورکائي

اَنت گهڙي نا اوکي آئي، سواس ساس سمايا
مهرم هئا کي انهيءَ مام جا
٢- انتڪال جو پاڻ اُتاري، عاشق ڪيو اِشارو
سڏ سڻي سنگت پيئي آئي، پاپر پنڙو پيارو
سڻايا وچن ويهي وسرام جا
٣ پاڻ ڪري اِشنان وتائون، گنگا جل پي ويهي
سن سماڌي لاهي وينا، پران ڪيا پرڏيهي
وڃي ڏر ڏتائون سرڳدام جا
٤ سادي صورت سادي مورت،
سنت سچا هئا سيئي
جيون پنهنجو سڦل ڪري ويا،
سڦل ڪري ويا ڏيهي
ڳائيندا گيت ويا گهنشام جا
٥- بالڪ جاڳي ٻاجهه ڪندا شل، پاپوءَ تي هر ويلي
سار لهي "پهلاج" سنگت جي،
سيني سان من ميلي
مهندس مان اُورا سندن نام جا

ڀڄن راڳ آسا (٤٧)

طرز: سڪ ۾ آهن فائدا

ٿل • سانگ سرهو ٿي ويو اڄ، سوامي موتيرام جو
ويو ملي موقعو اچانڪ، رام ۾ آرام جو
١- پنهنجي هلندي ويو هلي،
۽ چڙهندي پيڙيءَ ويو چڙهي

ڀڄن راڳ آسا (۴۵) ماستر چندر

طرز: اچ لنگهيندي واٽ ويندي

ٿل- هن ڏنو هو چند هڪڙو، پر ڏٺم ٻيو ٻيو چڙهيو
چندر توکي چندرمان هو، مرتبو پنهنجو مڙهيو

۱- رات کي روشن ڪري هو، راڳ تو روشن ڪيو
سنڌ جي سنگيت تي تو، جوهر هو پنهنجو جڙيو

۲- مرڪ تنهنجي ميٺ تنهنجي، مشڪ تنهنجي مينڌرا
هر ڪلامن جي مٿان تو، گهاٽ هو پنهنجو گهڙيو

۳- قطب جو توتي ڪرم هو، رحم روچلداس جو
جام جيوت هي پياري، عشق ۾ توکي اڙيو

۴- عشق جي تو ۾ اڇل ۽ پر فشڪ ۾ قاتين نه تون
هر هواسن جي خواهشن جي ۽ طمع کي تو تڙيو

۵- عشق جي آڙاه ۾ ۽ جيڏري ٻچائي جان تو
پر سلو نا سالڪاڻو ۽ سڪ سنڌو تنهنجو سڙيو

٦- حسن وارن ۽ حسينن جا ۽ سوين حملا سنڌ
پر حسن ويو هار جي ۽ جو لکه دفعا توسان لڙيو

۷- سنڌ توڙي هند ۾ ۽ تنهنجو امر اتهاس ٿيو
دل منجهان ڏيئي دعا ۽ "ڀلاج" ايهو پد پڙهيو

ڀڄن راڳ ڀيروي (۴٦) سوامي موٽيرام- آگرو

ٿل- پلا پاڳ ٻا ٻل موٽيرام جا،
هين هتڙا مٿي تي کي هر نام جا

۱- جهڙي رهڻي تهڙي ڪهڻي، تهڙا ڪرم ڪمايا

ڀڄن راڳ ڀيروي (۴۹) طرز- جهولي لعل

پاني خانورام جي ڀارت مهنت گرمکداس کي پاڪستان
وڃڻ وقت ڀلئہ ۾ آشيرواد سمنڌ تي
جهاز ۾- اپريل ۱۹۵۴ع

ٽل- منهنجا سانگي چڙهيا ٽي سير تي،
اديون آڪا پايان جنده پير تي

۱ اڇي شال ماٺيندم گادڙي،
گهر گهر ۾ ٽيندم شادڙي
لڏون ورهائيندم گنگا جي تير تي

۲- وري سگهو موٽي ملندا اچي،
ڪتي خوشيءَ سان ڪلندا اچي
پيڙا ڏيندس ٻانڪي ٻل ٻير تي

۳- مهنت صاحب هي سائي سنيار جو،
ڪلندا ڪڏندا اڱڻ تي آئجو
هي خاطر ڀليل ٽو ڪير تي

۴- منهنجا جوڳين ڪي هٿڙا جوڙ جو،
چئجو ٻانهي ڪين وڇوڙ جو
دعا ڪجو "پهلاج" فقير لي

ڀڄن راڳ پاڳيسري (۵۰)

سوامي ٽيئون رام- پريم پرڪاشي- جئپور

ٽل- اڙي ڪنڌي تون ڪنڊا نہ ڪر،
منهنجا ماٺهون تون منڊا نہ ڪر

انت ناروءِ اڳڪي ڏني، جڏي سڌ ٿيس سڪدام جو
۲- اوچتو اڌ رات جو، سڀ ڪي اُٿاري سڌ ڪيا
موڪلايان تو مٺا، نياپو اچي ويو نام جو
۳- بس ڪري اِسنان، گنگا جل وٺي ويهي رهيو
ويو وٺي وسرام اوهو، وقت هو وسرام جو
۴- پنهنجي هوندي هو وڌائين، ٻار ٻاٻو لال تي
ويو چئي سڀ ڏيان ڌرجو، هردي ۾ هرنام جو
۵- روبرو "پهلاج" ٻي ان وقت، هو اُتڙي ادا
جو وڃي درشن ڪيائين، صبوح جو ۽ شام جو

پڇن راڳ آسا (۴۸) ٺڪر ايسر ڏام- احمدآباد

طرز: سڪ ۾ آهن فائدا

ٽل- گرهست ۾ گياني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
ويو وگياني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
۱- جيڏري ٺاڪر ٻڻي ويا، ٺاڪر پنهنجي ڪي ٻسي
لال لاثاني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
۲- جوت مان جڳ جوت آهي،
هيءَ جوت جهولي لعل جي
سنتن جا ثاني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
۳- ڏيک هو نا ويک هو- نا بدن تي ڪو ٻيک هو
امر نيشاني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
۴- جنم سنڌڙيءَ ۾ وٺو، ۽ جيٽپور ۾ جوت وٺي
نهٺا نرماني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلعل جن
۵- ريم هو "پهلاج" لئه، جن ٺڪر ايسرلعل ۾
دل سندا داني ٻڻي ويا، ٺڪر ايسرلال جن

١- ڇڪ چارو ٽئي- ڪَپ ڳارو ٽئي-
مينهن مارو ٽئي- مون مٿان
وچ وارو ٽئي- ٻاٽي ٻارو ٽئي- ٻيل سيارو ٽئي- مون مٿان
ڏک ڏوري هلڻ- سر گهوري هلڻ-
هوري هوري هلڻ- هڪ راهه- بابا......

٢- ٻيل ٽوڙيو وسي- واچوڙو وسي-
ڳڙو ڳوڙهو وسي- وات تي
ڪک ڪوڙو وسي- ٻاٻوڙو وسي-
سر ٻوڙو وسي- وات تي
هٿ جوڙي هلڻ- ٻاني ٻوڙي هلڻ-
ٽڳا ٽوڙي هلڻ- هڪ راهه- بابا......

٣- گيت ڳائيندا هلون- ۽ وڄائيندا هلون-
راڳ ٺاهيندا هلون ٺاهه سان
ٻلهه پائيندا هلون- ۽ مڃائيندا هلون-
ٻڌائيندا هلون ٻاڦ سان
ڇڏي ماٺو هلڻ- ٽانءِ ٽاٽو هلڻ-!
ٽي نماڻو هلڻ- هڪ راهه- بابا......

٤- ڪڏهن منهنجي ڪري- آيا ٻيرا ٻري-
سو ڏينهن وسري ڪين ٿو
هاڻي مينهن جي ڪري- ڇا ٿيم ٿري-
ڏيل منهنجو ڏري ڪين ٿو
سائين آسؤ ادا- ٽيندو ساڻي سدا-
"ڦهلاج" ڦهڙون ٻرياهه- بابا ٻلي......

1- نار مٽان پري ٻير ٽُٽي تو،
ڪڪ ڪيو هو ڪنڊا ھٽي تو
جوڻ مٿاير چنڊا هٽي تو،
اڙي ڏنڊي تون ڏنڊا نه ڪر
2- ٻير مان ٻير جي جوڻ مٿايه،
ڪجڙن ساڻ گڏ مونکي ڪپايه
ڪنڊا هٽي منهنجو جوڳه ڦنايه،
چوڻڪ سي چنڊا نه ڪر
3- جوڻ ڪنڊيءَ جي نيهر آي ورتي،
اَمراپور جي پانڌ ڌرتي
هاٽي ٻريوءَ کي آهين ٻرتي،
سوٽا سي سنڊا نه ڪر
4- سڄڻ سٽي ڪنڊيءَ ڪنڊا لڪايا،
شيواڌاري ٻيا ماڻڻ چايا
سائينءَ ساڌن جا اکر اڳهايا، اڳتي ٻيا انڊا نه ڪر
5- چيڻون چرچي ۾ ڪنڊا ڪيا ٻو،
هٿ تڪبرءِ هوڏ مٿايو
ميل رکي هيءُ ميلو مچايو، ”ڀلاج“ ٻنڊا نه ڪر

ڀڄن راڳه ڌناسري (51)

ٽل - ٻڌ ٻيڙ ٻن هاڻ- گر ڏ ٻري هاڻ- هن ٻيري هاڻ
هڪ راس- ٻاٻا ٻلي ٻوي ٻر ساس
ڪنڌ ڪيري هاڻ- ڦند ڦيري هاڻ-
سڪ سيري هاڻ- سوغاس

٢- منگل ڪارج منگل ميہ ٿي،
آنند جوڳي جهنگل ۾ ٿي
وگهن نہ ڪوئي محفل ۾ ٿي، آس ايهائي آهہ
٣- ڪٽيجن ويهي گيان ٻڌائن،
ساڌ سنگت جو روح ريجهائن
ميلو ملهائن خوش ٿي ڪائن، ڪمين نہ ڪائي آهہ
٤ شانتي، پرڪاش هي ميلو ملهايو،
سال بسال هي رنگ رچايو
ڪوي، "ٻهلاج" کي پاڻ گهرايو،
جنهن ڪرتا ناهہ آهہ

ڀڄن راڳہ بسنت (٥٤)

طرز: من سمجهيدا ناهي

ٽل- سوامي ٽيئون رام جن ها، سنڌڙيءَ جا سنت ڙي
سنڌڙيءَ جا سنت ڙي، گياني گڻ ونت ڙي
١- نندين ۾ گنگا راڻي، ٻاڻين ۾ گيتان ٻاڻي
ڏارن ۾ چنڊ جيئين، رت ۾ بسنت ڙي
٢- گرو گورکنات جيئن، سوامي ٽيئون رام تيئين
ماني ۽ ڪاني وارا، هيا ڪلاونت ڙي
٣- جيئن شڪيلو جتي، هيو سنيوان سٿي
تيئين ڀاڳوان آئي، هيا ڀاڳونت ڙي
٤- ڀنڊاري ڪبير وانگي، اَن پورڻا آگيا مانگي
رڌي سڌي آئي آڳي، داني ديا ونت ڙي

ڀڄن راڳ ڀيروي (٥٢)

طرز: ستسنگ ٿئي دل جي دوا

ٽل- سوامي ٽيئون رام جهڙي جفا،
ڪندو ورلو ڪو ساڌو صفا

١- ڪل ڪٽنب ٿوهڙ وڻ وانگي،
تنهن کان ڪري ڪنارو
موهه مٽايو ممت وڃايو، ڪين هٽيو ٻي وفا

